# ندرن، مجسمن ۽ محبتن
# جو ملک هندستان



## سفرنامو

## تاجل بيوس

ڪنھن بہ ڪم کي،
ھٿ ۾ کڻڻ کان اڳ،
پاڻ کي
سنڌُو جَل سان
پاڪ ڪرڻ گھرجي

## رگويد ۾ چاٽايل آهي:

"سنڌو پنهنجيءَ طاقت ۾
سيني ندين کان وڌيڪ
سگهاري آهي.
سندس گجگوڙ ڌرتيءَ کان
مٿي آسمان ۾ گونجي ٿي.
جيئن ڳئون ڪير سان اوهڙ پري،
پنهنجن ٻچن ڏانهن ڊوڙنديون آهن،
تيئن سڀ نديون ڳئن جيان
رنڀنديون سنڌوءَ سان اچي ملن ٿيون.
جيئن ڪو راجا پنهنجي لشڪر جي
اڳواڻي ڪندو آهي،
تيئن سنڌوندي ٻـ ٻين ندين جي اڳواڻي ڪري،
سنڌ مان اُڪري وڃي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي.
سنڌوءَ جي سرزمين
پلن گهوڙن، سونَ ۽ دولت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي."

# سندرن، سڄڻن
# ۽ محبتن جو ملڪ
# هندستان

سفرنامو

## تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي

| | |
|---|---|
| كتاب جو نالو: | مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان |
| موضوع: | سفرنامو |
| ليکڪ: | تاجل بيوس |
| ٽائيٽل ڊزائن: | مجاهد حسين |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپجڻ جي تاريخ: | آگسٽ 2007 |
| ڇاپيندڙ: | نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي Cell # 0346-2103811 |

**Rs. 60/=**

# انتساب

هند جي چئوياري

سُريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڪومل،

جسٽس ايسراڻي ۽ شريڪانت پاڻيا

جي نالي...

تاجل بيوس

# پبلشر جو نوٽ

هونءَ سنڌيءَ ۾ سفرنامن جو تاج تہ مانواري الطاف شيخ تي
مڙي آهي، پر هندستان جي حوالي سان وري تاجل بيوس
چئونڪو هڻي چڪو. هن سفرنامي کان اڳ تاجل بيوس جا
ٽي سفرناما پڌرا ٿي چڪا آهن، جن ۾ : ”ڏور بہ اوڏا سپرين“ ،
”اديون ڙي اوهان ڇا ڏٺو“ ، ”مورتين جو بي مثال ملڪ
هندستان“ ۽ ”مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ
هندستان“ اوهان جي هٿن ۾ آهي....
پڙهي پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪندا.

اوهان جو
**انعام عباسي**





چئمپور (ممبئي) : (هڪ ڇڏي ساڄي پاسي کان) صنوبر گل، عامر سيال، شيام جئسنگهاڻي، پروين راڄپر، شوڪت شورو، تاجل بيوس، قمر شهباز ۽ ماهين هيسباڻي




تاجل بيوس ۽ شيام جئسنگهاڻي، چئمپور ممبئي ۾



## مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان



# مندر، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان



تاجل بيوس ۽ ماهين هيسباڻي هندي سمنڊ ڪناري (ممبئي)



تاجل بيوس ۽ [illegible] مظهر حسين انڊيا انٽرنيشنل [illegible]





تاجل بيوس ۽ عامر ميان هندي سمنڊ ڪناري (بمبئي)



تاجل بيوس رڪيل موراڻي دهلي ۾



# مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان



تاجل بيوس هڪ سئو رپين جو نوٽ ميزبانن تان گهوربندي،
فنڪار کي ڏئي رهيو آهي.



تاجل بيوس ۽ سريش ڪيسواڻي اڄين شهر جي شِو مندر ۾
مندر جي سيواگر سان گڏ.



# مندرن
# مُجسمن
# ۽
# محبتن
# جو
# مُلڪ
# هندستان



اسان پنج سنڌ ڇاوا ۽ ٽي سنڌ ڇايون 7 جُون، 2007ع تي صبح جو پوڻين يارهين وڳي پي- ڪي 274 هوائي جهاز ذريعي ڀارت جي ممبئي شهر روانا ٿياسون. پنج سنڌ واسي هئا : قمر شهباز، شوڪت شورو، رڪيل موراني، عامر سيال ۽ تاجل بيوس. جڏهن ته سنڌ ڇايون ماهين هيسباڻي، پروين راڄپر ۽ صنوبرگل هيون.

جهاز 12:20 وڳي (منجهند) ممبئيءَ پهتو. ٻه ڀائر فنڪار ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين، نياز حسين (باجي نواز) ۽ عابد حسين(طبلي نواز) واڳها ڪان ريل گاڏيءَ ذريعي ممبئيءَ پهچڻا هئا. اسان کي پليڪار چوڻ لاءِ ايئر پورٽ تي ٺاڪر چاولا، نند ڇڳاڻي، نند جويري ۽ گوپال ٺڪر آيل هئا. ميزبان اسان کي روز



2002ع ۾ اُلهاس ننگر ۾ شهيد ڏُنيچند ميموريل ٽرسٽ پاران "شهيد ڏُنيچند ڪالاڻي ڪاليج آف آرٽس، ڪامرس ائنڊ سائنس "کوليو ويو آهي، جو پنهنجيءَ اهميت، رنگ ۽ رُوپ جي لحاظ کان پهريون ڪاليج آهي. هن ڪاليج ۾ جگديش لچاڻي پرنسپال جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

جگديش لچاڻيءَ وڏيڪ ٻڌايو ته دهليءَ ۾ نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگوئيج جي قائم ڪيل آفيس جي ماهوار ادائي لک رپيا مسواڙ ڏني وڃي ٿي، جا ٻارنهن مهينن جي هڪ ئي وقت ٽيهه لک روپيا اڳواٽ ڏيڻي پوي ٿي.

جگديش لچاڻي ايم – اي (سنڌي)، ايم – اي (هندي)، ايم – اي (فلاسافي) ۽ پي ايچ ڊيءَ جون تعليمي لياقتون رکندڙ آهي. سندس جنم 4 ڊسمبر 1939ع تي خيرپور ضلعي جي پيرڳوٺ ۾ ٿيو هو. جگديش رات، ڏينهن محنت ڪري، شاهه لطيف، اُڏيري لعل، سنت ڪنور رام، هيمون ڪالاڻي، رام پنجواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، شيخ اياز ۽ تاجل بيوس بابت وڊيو فلم اسڪرپٽس لکي، ڇپرايا آهن، جن تي فلم تيار ڪرڻ لاءِ ، ڪنهن به وقت رڪارڊنگ ڪري سگهجي ٿي.



# ممبئيءَ کان احمد آباد روانگي

8 جون، 2007ع تي رات جو 9:45 وڳي اسان ريل گاڏيءَ ذريعي ممبئيءَ کان احمد آباد روانا ٿياسون. مان هِن چوٿين ادبي ۽ ثقافتي دؤري کان اڳ، ٽي دفعا (1990ع، 2001ع ۽ 2006ع) هندستان اچي چڪو آهيان، پر هيءُ پهريون دفعو هو جو احمد آباد ٿي ويس. ممبئيءَ جي آخري ٻَرڻ ولي پدم شرما اسٽيشن تي پهچڻ وقت 12:00 وڳي (رات) مان آهِلي پيس، ۽ 1:45 وڳي ماني کائڻ لاءِ مون کي اُٿاريو ويو. مون ٻه هڪ، ٻن ساٿين جيان ٻه ڏڪ جيوَن رس جا ڀري پورءِ ماني کاڌي. منهنجي هيٺئين جملي چوڻ تي ڪجهه همسفر ٿهڪ ڏيڻ لڳا:

"The golden drops have renovated my blood"

(سونن قطرن منهنجيءَ رت کي تازو ڪري ڇڏيو آهي.)

برج موهن انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جو ماهر ٿي لڳو جو سنڌي ۽ اردو سوالن جا ٻه انگريزيءَ ۾ جواب پيو ڏئي. گوپال نڪر ۽ موهن منهنجي گيت "سنڌ منهنجي امان" جي ورڻ، ورڻ واڪاڻ تي ڪئي.



جهنگلي ڪان ٻاهر بسين، ٽانگن، گڏهه گاڏن ۽ ٻي سواريءَ لاءِ به هاءِ وي ته ٺهيل هئا، پر ٽيون روڊ به ٺهيل هو ته جيئن ڳوٺاڻا ۽ شهري رستي ڪي بنا ڪنهن خطري جي سواريءَ سان توڙي پيادل استعمال ڪري سگهن.

رستي ۾ 8:30 وڳي هوٽل سرِوودي ۾ رات جي ماني ڪارائي ويئي، جو هوٽل شاملا مندر جي پرسان آهي. هن هوٽل ۾ چيني کاڌن سان گڏ، گجراتي کاڌو به پيش ڪيو ويو جنهن ڊِش کي ”گجراتي ٿالهي“ چيو وڃي ٿو جو خاص لذيذ کاڌو هو جنهن کي اسپيشل فوڊ سڏيو پئي ويو.

اسان جيئن ئي گجرات اسٽيشن مان گذري، راجستان ۾ داخل ٿياسون، ته سنڌيءَ جي ”ٽيڙ“ لفظ تي ڪِل پوڳ ۽ بحث ٿيڻ لڳو.

ٽيڙ تان ڌيان هٽائڻ لاءِ، مون هڪ ڳجهارت به پيش ڪئي، جا هئي:

”عورت ۽ ڏينهن ڪانپوءِ شاهاڻو محلُ ٿو اچي“

حاضرين جڏهن ڳجهارت نه ڀڃي سگهي، ته سندن ٻاران بارُ بارُ ايلازن تي مون کين ڀڃي ٻڌائي.

ڳجهارت: ”عورَت ۽ ڏينهن ڪانپوءِ شاهاڻو محل ٿو اچي“

ڀڃڻي: گجرات ڪانپوءِ راجستان ٿو اچي.

عورت: گجر، ڏينهن ڪانپوءِ رات (گجرات) شاهاڻو محل، راجا + آستان = راجا جو محل يا شاهاڻو محل. راجستان ۾ راجا ۽ آستان لفظ آهن.



ڪڇهريءَ ڪانپوءِ، مان مٿي سمهي پيس. اسان وٽ بس يا ڪوچ ۾ سمهڻ جي سهوليت اڃان تائين نہ جوڙي ويئي آهي، جڏهن تہ هندستاني بسين ۾ هڪ ماڻهوءَ جي سمهڻ لاءِ پينگهي جهڙيءَ ڪٽ سان گڏ، ٻن ماڻهن کي گڏ سمهارڻ جي بہ سهوليت آهي، تہ جيئن مرد ۽ عورت بہ سُمهين سگهن.

بس جڏهن پيمر سٽيءَ پهتي، تہ چانهہ پيئڻ لاءِ بس کي بيهاريو ويو. بس جي بيهڻ سان مان جاڳي پيس. ان وقت رات جا 3:30 وڳا هئا. اسان جا ڪجهہ ساٿي اگھور ننڊ ۾ هئا. جن ۾ لڇمڻ ڪومل بہ هو. هِتان اسان جو منزل گاهہُ اجمير 110 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هو. خير سان، 4:45 وڳي سج اُڀريو. پنهنجي ڳوٺ جي پيٽ ۾ لڳي پيو سج چڙهڻ تہ اولهہ کان اُڀري رهيو هو. رستي جي ٻنهي پاسن کان جبل هئا. جاين جي پٽين، دروازن، بوردن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي اشتهار ۽ نالا هنديءَ ۾ لکيل هئا. ڪٿي، ڪٿي ڪا انگريزي عبارت نظر آئي ٿي. احمد آباد کان اجمير تائين پوري سفر ۾ ريلوي رستو 5:50 وڳي (صبح) نظر آيو. اِن وچ ۾ همسفر ٽي شخصيتون گھٽي پاڳي وحشيت ڀريلَ جملن جي ڏي وٺ ڪنديون رهيون، جنهن شاعرن جي ماحول کي زهريلو ٿي بڻايو.

پُوري ڇهين وڳي صبح جو اسان جي بس اجمير شهر ۾ داخل ٿي. ائين احمد آباد کان اجمير پهچڻ ۾ اسان کي ساڍا ٻارنهن ڪلاڪ لڳا. اسان کي پڪ ٿي شاهاڻيءَ رسيو ڪيو جتي پاسي ۾ يوگا جو هڪ وڏو ميڙا ڪو ڏسڻ ۾ ٿي آيو جنهن ۾ بيشمار



منهنجيءَ گذارش تي سيد محمود حسن شاهه اسان کي اُها ديڳ به ڏيکاري جنهن ديڳ ۾ چانورن جا 120 مڻ رَڌا وڃن ٿا. هيءَ ديڳ درگاهه کي مغل اڪبر بادشاهه نذراني طور ڏياري هئي. سيد محمود حسن شاهه هن طرح به ٻڌايو ته زردي جي هڪ ديڳ تيار ڪرڻ تي هڪ لک روپيا لاڳت اچي ٿي. ديڳ رات ڪان ٿي ٻاهه تي چڙهيل هوندي آهي، ۽ صبح جو تيار ڪيل زردو ماڻهن ۾ ورهايو ويندو آهي، جنهن کي تبرڪ چيو وڃي ٿو. اسان مان ڪجهه ميزبانن ۽ مهمانن عطئي طور سيد محمود حسن شاهه کي پنهنجي حال آسارُو پئسا ڏنا. جن جي رسيد ڏني ٿي ويئي. مون به ڪيس پارتي هڪ سئو روپيا ڏنا.



# خواجا غريب نواز ۽ سندس خاندان بابت وڌيڪ معلومات

خواجا معين الدين چشتي خواجا غياث الدين جو فرزند ارجمند هو. سندس ماتا جو نالو بيبي ماهِ نور هو. هن خاندان جو شجرو امام حسن عليہ السلام ۽ امام حسين عليہ السلام سان ملي ٿو. پاڻ 1938ع ۾ ايران جي سيستان شهر ۾ پيدا ٿيو هو. سورنهن سالن جي عمر ۾ سندس والد ۽ ماتا لاڏاڻو ڪري ويا. سندس جنم جو سال پڙهي، منهنجي روح کي رات اچڻ لڳي ٿي. ڇاڪاڻ ته 38 جو انگ منهنجي به جنم سال ۾ آهي، جو آهي 1938ع.

هڪ ڏينهن خواجا معين الدين جيئن ئي پنهنجي باغ ۾ ڪم ٿي ڪيو ته ابراهيم نالي هڪ درويش باغ ۾ داخل ٿي، هڪ وڻ هيٺان اچي ويٺو. خواجا ڏسندي ئي ڪيس انگورن جو ڇڳو پيش ڪيو. درويش انگور کائي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي ٿيلهي مان ڪا شيءِ ڪڍي، چٻاڙڻ لڳو ۽ ٿيلهي مان ساڳي ئي شيءِ ڪڍي، پنهنجي ميزبان خواجا کي به ڏنائين، جنهن بنا خوف خطري جي اُها شيءِ کائي ڇڏي ۽ ائين اڪيچنيءَ ۾ ڏاهپ، ذات ۽ علم جي



روشني خواجا جي اندر کي روشن ڪرڻ لڳي، جنهن ڪانپوءِ دنوي لالچ ترڪ ڪري، وٽس جيڪا بہ دولت ۽ ملڪيت هئي، اُها غريبن ۾ ورهائي، وڃي سمرقند ۽ بُخارا ڪان نڪتو جي اُن زماني ۾ علم ۽ ڄاڻ جا وڏا مرڪز سمجهيا ويندا هئا.

خواجا معين الدين پورا ويهہ سال خواجا عثمان کي مرشد چوندي، وٽس گذاريا، جتان ڪيس روحاني راز حاصل ٿيو.

1190ع ۾ جڏهن خواجا جي عمر 52 سالن تي پهتي ، تڏهن اجمير ۾ هُن تصوف جي دولت ۽ روحاني راز حاصل ڪرڻ ۽ ورهائڻ شروع ڪيا. اُن وقت اجمير تي راجپوت راجا پرٿوي راج حڪومت ڪندو هو. خواجا صاحب هڪ ڍنڍ پرسان، پهاڙيءَ تي چِلو ڪيڻ لڳو جا جاءِ هِن وقت "خواجا جو چِلو" نالي سان مشهور آهي. مان ڄاڻائي آيو آهيان، تہ هوٽل مان اجمير شهر جي وچ ۾ هڪ ڍنڍ نظر اچي رهي هئي، جنهن ۾ ننڍيون ٻيڙيون نظر تي آيون. ٿي سگهي ٿو، تہ هيءَ اُهائي ڍنڍ هجي، جنهن جي پرسان خواجا چلو ڪڍيو هو.

ڪجهہ ڏينهَن اندر هزارن جي تعداد ۾ خواجا جا مريد ۽ عقيدتمند ٿيا، جن ۾ راجا پرٿوي راج جا جادوگر بہ هئا. اٿين خواجا قطب الدين بختيار، شيخ فريد الدين، شيخ نظام الدين اولياءِ، شيخ نصير الدين ۽ خواجا بنده نواز خواجا معين الدين چشتي غريب نواز جا معتقد بڻجي، سندس هٿ چمڻ لڳا، ۽ گُنب ڪرڇ ۾ سندس پيغام پهچائڻ لڳا. خواجا غريب نواز 1236ع ۾



98 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪيو.هن وقت دنيا ڀر کان عقيدتمند پهچي، خواجا جي آخري آرامگاهه تي عقيدت ۽ مچتا جا گل نڇاور ڪن ٿا. سندس مزار تي هر وقت پٽ شاهه ۽ سيوهڻ جيان ماڻهن جا ميڙاڪا ڏسجن ٿا.

ٻڪايل ڪي ڪاڏو ڪارائڻ مسئلن ۾ ڦاٿل انسان جي مدد ڪرڻ ۽ ڏٺيءَ در ٻاڏائڻ خواجا جي ڏنل تعليم جو جوهر سمجهيو وڃي ٿو. جهولي جهلي پنڻ ۽ دشمن کي دوست سمجهڻ کان پاسو ڪرڻ، پالڻهار کان ڊڄڻ، پُر اميد رهڻ ۽ محبت ونڊڻ خواجا صاحب جي ڏنل تعليم جا اصول ۽ اهڃاڻ سمجهيا وڃن ٿا.

خدمت ڪندڙ سيد "خادم" سڏائن ٿا. گذريل سال درگاهه جو گادي نشين سيد خواجا غلام ڪبريا ٻڌايو ويو هو جنهن سان تعارف به ٿيو هو. هن دفعي سال گذرڻ ڪانپوءِ سيد خواجا محمود حسن شاهه چشتي گادي نشين هو.

خواجا غريب نواز هڪ اُها مچيل شخصيت تي گذري آهي، جنهن هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن کي ذهن ۾ رکندي، سيڪيولرزم (غير مذهبي هئڻ) جو بنياد وجهي "انسانيت" (ماڻهپو) کي سڀ ڪجهه سمجهيو. هن ظاهر ڪيو ته انسان ۾ ٽن خاصيتن جو هئڻ لازمي آهي، جي آهن : سج جهڙي روشن شخصيت، درياهه جهڙي سخاوت ۽ زمين جهڙي قربداري.

خواجا غريب نواز جو نالو معين الدين حسن ولد خواجا غياث الدين حسن آهي. سندن سنن خطابن ۾ حبيب الله، غوث



المشائخ، قطب العارفين ۽ غريب نواز بہ شامل آهن. سندن نسب امام حسن عليہ السلام ۽ امام حسين عليہ السلام سان ملي ٿو ۽ سندن پيدائش 13 رجب 530هہ مطابق 18 اپريل 1136ع چنچر ڏينهن ايران ۾ ٿي.

سندن والد جي لاڏاڻي وقت سندن عمر 15 سال هئي. اڳتي هلي خواجا عثمان هاروني کي مرشد ڪري قبول ڪيائون. سئر، سفر ۾ رهڻ ۽ صوفياڻن اوتارن ۾ وڃي صوفين ۽ درويشن سان ملڻ جُلڻ سندن روحاني پيشو هو. اهڙن شهرن ۽ ماڳن: مڪانن ۾ همدان، تبريز، اصفهان، استرآباد، هرات، سبزوار، بلخ ۽ غزني بہ اچي وڃن ٿا.

خواجا غريب نواز جڏهن هندستان پئي ويو تڏهن چاليهہ شخصيتون ساڻس گڏ هيون. پاڻ دمشق، شادمان، بلخ، بخارا، بدخشان، غزني، قنڌار ۽ ملتان پهچي، درويشن سان روح رچنديون ڪندو لاهور پهتو هئو. سندن لاهور پهچڻ کان اڳ خواجا علي هجويري عرف داتا گنج بخش لاڏاڻو ڪري چُڪا هئا. هتي ڪجهہ ڏينهن رهي، اجمير پهچڻ لاءِ دهليءَ روانا ٿيا جتان ڪجهہ عرصي بعد اجمير پهتا هئا.

اجمير جو اوسي پاسو پهاڙن تي ٻڌل هو جو اڄ بہ آهي. اجمير کي "آجا ميرَ" چيو ويندو هو جو پوءِ اجمير جي نالي سان مشهور ٿيو. هتي پاڻ بيبي عصمت سان شادي ڪيائون، جنهن مان کين ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ڄائي. وڏي پٽ جو نالو خواجا فخر



الدين چشتي، ٻئي جو خواجا حسام الدين چشتي ۽ ٽئين جو خواجا ضياء الدين چشتي نالو رکيائون. سندن نياڻيءَ جو نالو حافظ بيبي جمال هو جا نهايت پارسا ۽ نيڪ ٿي گذري آهي. پاڻ 98 سالن جي عمر ۾ 1236ع ۾ وفات ڪيائون.

خواجا پنهنجي زندگيءَ ۾ نرم دل ۽ ٿڌي مزاج جا هئا. اهو ئي سبب هو، جو بادشاهي راڄ ۾ عوام سان گڏ، وقت جا راجا به سندن معتقد رهيا آهن ۽ حاضري ڀريندا هئا. شهاب الدين غوري، قطب الدين ايبڪ، شمس الدين التمش، سلطان محمود خلجي، بابر، همايون، اڪبر، جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب سندن معتقد رهيا آهن ۽ حاضري به ڀريندا هئا. قطب الدين ايبڪ ته پورا ڇهه مهينا اجمير ۾ اچي رهيو هو ۽ اڪبر بادشاهه فتح پور ۽ آگري ويندي، خواجا غريب نواز جي شان ۾ ڳوٺاڻين عورتن جا گيت ٻڌندي، ايترو ته متاثر ٿيو هو جو اُتان هو اجمير روانو ٿيو هو ۽ عقيدت وچان حاضري ڀرائي، 120 مڻن واري ديڳ خريد ڪري، چانور تيار ڪرائي، غريبن جو پيٽ ڀريو هئائين. اُها ديڳ اڄ به درگاهه تي موجود آهي، جنهن ۾ زردو تيار ڪرائي، غريبن ۾ پانڊيئڙن کي کارايو ويندو آهي. هڪ ٻي ديڳ سٺ مڻن واري آهي، جا جهانگير نذراني طور ڏني هئي.



# ٻن پاڪستاني ڳائڻن جي چهرن ۾ ڪنور رام ۽ چندر جا عڪس ۽ اولڙا نظر اچي رهيا هئا

شام جو ڇهين وڳي NCPSL ۽ اجمير سنڌي سينٽرل پنچات جي سهڪار سان جواهر رنگ هال ۾ موسيقيءَ جي محفل رچائي وئي، جنهن ۾ پيلواڙا کان هري سيوا ڌام جو گادي نشين سوامي هنس رام به اچي شريڪ ٿيو هو جنهن سان گذريل سال به ثقافتي دؤري وقت منهنجي ملاقات ٿي هئي. هِن پروگرام ۾ جسٽس ايسراڻي به اسان سان گڏ هو.

سڀ کان پهريان، جهوليلال ۽ ڀڳت ڪنور رام جي تصويرن کي گلن جا هار پارايا ويا، جنهن کانپوءِ اسٽيج تي وهاريلَ مهمانن ۽ ميزبانن تقريرون ڪيون، جن مهمانن ۾ مان به شامل هيس. تقريرن کانپوءِ 8:15 وڳي (رات) راڳ رنگ جي محفل شروع ٿي. هند جي رهواسڻ اُمالا لاچار ڪلام پيش ڪيا، جنهن کانپوءِ ٻن پاڪستاني ڳائڻن : ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين ڳائڻ شروع ڪيو. ياد رهي ته هي ڳائڻا جڏهن به ڪنور رام ۽ چندر جا ڳاتل ڪلام ڳائڻ پيا، ته



چڱا، خاصا حاضرين جهومڻ به لڳا پئي. آئون ڪلام منهنجو جوڙيل گيت ”سنڌ منهنجي امان“ ڳاتو ويو جنهن کي ٻڌندي، حاضرين اُٿي بيهي فنڪارن ۽ مون کي داد مٿان دادُ تي ڏنو. ڪلام ختم ٿيڻ سان، جسٽس ايسراڻي مون کي اسٽيج تي وٺي هليو ۽ مائيڪ هٿ ۾ جهلي، سامعين کي چوڻ لڳو ته گيت جي سرجڻهار تاجل بيوس جو درشن ڪيو جنهن تي ڪيترن ئي اُٿي بيهي تاڙيو وڄايون. بس، اِهي قرب ايسراڻيءَ صاحب جا هئا، جنهن هر پيري سامعين سان منهنجو تعارف ٿي ڪرايو. محفل رات جو 10:25 وڳي پڄاڻيءَ تي پهتي.

سنت سوامي هنس رام ٻڌايو ته تاجل! مان ارڙهن سنت ساڻ ڪري، سنڌ گهمي آيو آهيان، ۽ سنڌ جي صوفياڻين درگاهن ۽ آستانن جي درشن ڪرڻ سان گڏ، هنگلاج ياترا به ڪري آيو آهيان.



## اجميرڪان دهليءَ روانگي

12 جون 2007ع تي 3:45 وڳي شام جو اسان شتا بدي ايڪسپريس جي ايئرڪنڊيشن گاڏي ۾ سوار ٿي، دهليءَ روانا ٿياسون. ريل گاڏي اڳتي هلڻ بدران، پٺتي هلڻ لڳي، جنهن طرف اسان جي پٺي هئي. "ٽپڙ" لفظ وانگر پُٺ ۽ پُٺتي لفظن جون به وضاحتون ۽ چرچا، پوڳ ٽيڻ لڳا. جنهن ۾ وري به اسان جون سنڌ ڇايون وڏ ۾ وڏ حصو وٺڻ لڳيون. مون به هڪ ٽِڙ سٽون پيش ڪيو جو هيو:

اُبتي هلي ٿي ريل،
ڪرِ پيو عامر عشق جا
اُبتا، سُبتا ڪيل

*(عامر سيال پي آءِ اي ۾ نوڪري ڪندڙ محمد خان سيال جو پٽ آهي، جو انگلنڊ ۾ نوڪري ڪندو آهي، ۽ نهايت شريف نوجوان آهي.)*

گاڏي هلندي رهي ۽ اسان کي پاڻي پيارڻ کانپوءِ چانهه سان گڏ، ٻن قسمن جا سلائيس ۽ مائي جي ٽِڪي ڏني ويئي.

رستي ۾ دنترا (Dantra) ريلوي اسٽيشن شام جو 4:30 وڳي اُڪرياسون. ڦُليرا جنڪشن (Phulera Junction) تي



جن کي خوب دادُ مليو. دستور موجب، جسٽس اِيسراڻي مون کي ڀاڪرُ پائي، اسٽيج تي وٺي هليو ۽ ڳاتل گيت جي حوالي سان سامعين سان سونَ سريکن لفظن سان منهنجو تعارف ڪرايائين. ائين واهه تاجل! واهه جا نعرا گونجڻ لڳا. مون هٿ ٻڌي، نوڙي سندن ٿورا مڃيا.



# رام امر لعل پنجواڻي

رام امر لعل پنجواڻي هِن وقت 84 سالن جي عمر تي پهتل آهي، پر پوءِ بہ ڳالهائڻ ۾ ڪَرو تي لڳو. بيماريءَ ڪيس ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، ۽ تازو پيشاب جي تڪليف ڪري، آپريشن بہ ڪرايو اٿائين. مون کي ۽ رکيل کي جيوَن رَسُ پياري، ماني بہ کارايائين. جيئن تہ سپريم انڪليو جي فليٽ ۾ رام پنجواڻي هڪ نوڪر سان اڪيلي زندگي گذاري رهيو آهي، اُن ڪري، نوڪر ماني هوٽل تان وٺي آيو. هن ئي فليٽ ۾ 2001ع ۾ مان ۽ جيوَن ساٿياڻي منڻ خاتون ساڻس ملڻ ويا هياسون. رام امر لعل اصل جيڪب آباد جو رهواسي هو جو پاڻ کي بروچ بہ سڏيندو آهي. اسان جي ڳانڍاپن جو اهڙو وقت بہ هو جڏهن هڪ ٻئي کي خط مٿان خط لکندا هئاسون.

13 جون 2007ع تي اسان لچپت نگر جي سينٽرل بازار وياسون، جتان وائيف لاءِ سنديس فرمائش تي لکنوءَ جو برٽ پريل وڳو، ستن نياڻين لاءِ ڪپڙن جا ست جوڙا ۽ ٻن ڪِڪن: ذوالفقار علي ۽ بلاول لاءِ مون بہ ٽِي شرٽس خريد ڪيون.

شام جو ڇهين وڳي سنڌي اڪيڊمي (سي پي او بلڊنگ، ڪشميري گيٽ، دهلي) پاران آجياڻو ڏنو ويو. اسان مهمانن سان ، موتيلال جوتواڻي، راجُو جوتواڻي، مُرليڌر جيتلي، رميش، وينا

اڳيان وڃي رکيو ۽ موت تي اندرَ مان پنج ڀيرا ستا نڪرندا رهيا. جن کي پروارن پياڪن ٻڌي خوب تاڙيون وڄايون. ائين تي لڳو ڄڻ تہ ستا اِلهامي آواز جو نتيجو هو. اُهي تہ سِتا اجهو هي آهن:

اُما لالا ڪاڻِ
آندي ٿم اجمير ۾
سنڌڙيءَ جي سُرهاڻِ

❋

ٻڌِي لالا اُمان
مان هِن ميدان تي
اڪين سان ٿو گهمان

❋

اُمان ٿي اُپري
سج مان ڄڻ رات جو
نُور پيو نسري

❋

نانڪ جي ٻاڻي
اُما هند ۽ سنڌ ۾
راڳن جي راڻي

❋

اُما لالا لاءِ
پيوس شهر پنيور ۾
اکيون هندِ وڇاءِ



# دهليءَ ۾
# هيري ٺڪر جي حبداري

15 جون 2007ع تي هيري ٺڪر جي دعوت ڪي اڪين تي رکي، مان ۽ زڪيل موراڻي سنڌس گهر وياسون. جو گهر دهليءَ جي پتمپورا محلي ۾ آهي. هيري جيوَن رس پيارڻ ڪانپوءِ، ماني بہ کارائي تہ لِچي فروٽ جو بہ مزڙو وترايو.

هيري ٺڪر ڪي مان تاريخي معلومات جي ڪارڻ سمجهندو آهيان. ڪچهري ڪنديءَ هُن ٻڌايو تہ لا ما گُروءَ جو محل پٽالا ۾ آهي، جنهن نالي سان ٻڌاياڻين تہ سنڌ ۾ هڪ شهر هو. تبيت، چين، هماليا، ليهہ ۽ لداخ بابت ڳالهيون ڪنديءَ هيري ٻڌايو، تہ لاسا تبيت جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

هيري ٺڪر پنهنجيءَ ڪار ۾ وهاري، اسان ڪي هوٽل وٽ اچي لاٿو. رستي ۾ مون کيس بہ ٽِہ سٽا ٻڌايا، جي آهن:

حُب منجهان هِيرو
ڪري سَوايا سونُ ڪان
ڦروءَ زيرو.



راڳي ذوالفقارُ
هر، هر هنڌ ۽ سنڌ کي
بخشي ٿو بهارُ

❋

مون مظهر جي ڪاڻِ
آندي آ يٽ شاهه ۽
سنڌڙيءَ جي سُرهاڻ

❋

ذوالفقار ۽ مظهراسان جي نارايڻ شيام جو هيٺيون گيت ڳائي، ٻڌندڙن وٽان سٺي ميڃتا ماڻي:

چاندني رات ۾ اڪيلائي
ننڊ نيڻن ۾ هاءِ شرمائي

ماضي بعيد ۾ هڪ اهڙو زمانو بہ ٿي گذريو آهي، جڏهن يُوناني حڪيمن کي سَند حاصل ڪرڻ لاءِ موسيقيءَ جو بہ پرچو پاس ڪرڻو پوندو هو. اُها موسيقي، جنهن کي "روح جي غذا" چيو ويو آهي.

4. عابده پروين جي ڳاتل منهنجي گيت "سنڌ منهنجي امان" کي هند جي سنڌين پنهنجو قومي گيت چئي، مون کي ميڃتا جا هار پارائي، جوانيءَ جو رُوپ، سُروپ بخشيو آهي. هِن ڪارج ۾ ممبئيءَ جي سينئر هندي فلم پروڊيوسر شيام بينيگال پاران منهنجي اُردو غزل کي فلمائڻ بہ اچي ويجهي ٿو.



5. اوهان ۽ اسان جي سنڌي تهذيب کي قديم آثارن جا ماهر ۽ تاريخدان دنيا جي ٽن قديم ۽ عظيم تهذيبن ۾ شامل ڪري ويا آهن، جنهن تهذيب کي اوهان ”جشنِ سنڌو درشن“ ۽ ”سنڌيت جو ڏينهن“ جهڙين تقريبن جو انتظام ڪري، هر سال تازو توانو ڪندا رهو ٿا، جنهن لاءِ اوهان کي جس هجي.

15جون 2007ع تي رات جي ماني کائيندي، مون اسان جي ميزبان سُريش ڪيسواڻيءَ کي خراج طور هڪ ٻئي پٺيان پنج ٽِه سٽا پيش ڪيا، جنهن لاءِ بار بار چيو پئي ويو تہ اِها تاجل بيوس جي اِلهامي شاعري (خدا وٽان نازل ٿيندڙ شاعري) آهي. ٽہ سٽا آهن:

ڪيسواڻي سُريش
هِتي اچي مون هند ۾
آ ڏٺو سنڌو ديش

ڪيسواڻي سُريش
لڳي ٿو هِن لوڪ جو
آهي سنڌو ديش

ڪيسواڻي سُريش
لکيل لوح قلم ۾
سچ، حق جو سنڌيش



ڪيسواڻي سُريش
آهي هند ۽ سنڌ جو
دلبر ۽ درويش

*

ڪيسواڻي سُريش
ويدن جي ورقن تي
زير، زبر ۽ پيش

*

16 جون 207ع تي شِپي مئگزين (Shippy Magazine) جو ليڪڪ ۽ صحافي ڪشور مدناني 12:30 وڳي منجهند جو مئگزين ۾ ڇپڻ لاءِ مون کان انٽرويو ونئي ويو. مئگزين نهايت پُرڪشش ۽ سُٺي جاڻ ڏيندڙ آهي، جا ٿلهي آرٽ پيپر تي فور ڪلرس ۾ ڇپيل آهي.

ڪشور مدناني سنڌي آهي، جو 1945ع ۾ سنڌ جي شڪارپور شهر ۾ ڄائو هو. هِن وقت هُو جهوليلال سوسائٽي پٽمپورا (دهلي) ۾ رهي ٿو.

15 جون 2007ع تي شام جو چِنميا هال ۾ چانهه پيئندي اسان جي ميزبان سُريش ڪيسواڻيءَ ٻڌايو ته پارٽ جي هڪ صوفياڻي اوتاري ۾ عابده پروين راڳ ڳائي رهي هئي. راڳ ڳائيندي . هو ڪنڌ کي ڪابي ۽ ساڄي پاسي جهولائي رهي هئي،



هندو، مسلم، سکھ، عيسائي،
آپس مين هين بهائي بهائي

ڀارت ۾ هندو ڌرم رکندڙ جملي هڪ ڪروڙ سنڌي آهن. جن مان سريش ڪيسواڻيءَ ٻڌايو ته، تيهہ لک کن سنڌي دنيا جي ٻاهرين ملڪن ۾ ڏنڌو ڌاڙي ڪن ٿا. سُريش ڪيسواڻيءَ هڪ خاص ڄاڻ هِن طرح جي به ڏني، ته هر ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪيميائي جُزا يا مادو الڳ الڳ ٿيندو آهي، جنهن کي ڪيميڪل ٽيسٽ ذريعي پرکيو وڃي ٿو. اهڙيءَ ڇڪاس کي DNA ٽيسٽ چيو وڃي ٿو جا هر سنڌيءَ جي هڪ جهڙي آهي، ڇاڪاڻ ته هر سنڌيءَ جو جنم "سنڌ" ملڪ ۾ ٿيل آهي.

ريل گاڏيءَ ذريعي اِنڊور وينديءَ ۽ صبح جو ڪچهري ڪندي، منهنجي ڳوٺ موهن پور (ضلعو اعظم ڳڙهہ) جي رهواسي دروگا پرساد ۽ سُنيل رکياڻيءَ سان واقفيت ٿِي. دروگا پرساد نهايت کلمک ۽ انساندوست ٿي لڳو.

مون کي اِها ته خبر هئي، ته سنڌوءَ جو جنم مانسرور ڍنڍ مان نہ، پر ڪيلاش پربت مان ٿئي ٿو جنهن کي "شينهن جو وات"(Lion's mouth) سڏيو ويو آهي، پر وڌيڪ هِن قسم جي به معلومات ملي ته ڪيلاش مان سنڌوءَ سان گڏ، گنگا، سرسوَ تي ۽ برهم پُتر (برهمپترا) نديون به ڦُٽي نڪرن ٿيون. ڪيلاش جبل تبيت ۾ آهي، جو هن وقت چين جي قبضي ۾ آهي. جيئن ته تبيت (تبت) ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي چيني ٻوليءَ سان ملندڙ، جلندڙ



# رِينو عيدناني،
# هڪ سگهاري ۽ سگهڙ عورت

رينو عيدناني معاشي ۽ سماجي حوالن سان هڪ سَگهاري، سگهڙ ۽ ڀاڳن ڀري عورت آهي. هوءَ سنڌيت پرست به لڳي رهي هئي، جنهن تي ٽِه سٽا جوڙي، مون کيس مُرڪن سان مالا مال پئي ڪيو. اهڙا ڪجهه ٽِه سٽا اِجهو هِن طرح هئا:

رينو عيدناني
آچي پئي آسيس مان
مکڻ ۽ ماني

*

رينو عيدناني
هند توڙي سُنڌ جي
بختَ جي باني

*

رينو عيدناڻي
رهندي آدجڳاد ۾
ڳوتا ڪهاڻي

*



عيد نائي رينو
ڪري آئي ڪلجگ ۾
اڪيون آئينو
عيد نائي رينو
ساڃهه توڙي سچ جو
آهي آئينو

*

17 جون 2007ع تي سنڌي ڪائونسل آف انڊيا، انڊور پاران آجياڻو ڏنو ويو. اسان 1:45 وڳي منجهند جو هال ۾ پهتاسون، جتي سينگاريل اسٽيج تي ڪاروائي جاري هئي. پليڪار چوندڙ اڳواڻن ۾ سُريش ڪيسواڻي، ايشور جهامناڻي، ۽ جسٽس اِيسراڻي به شامل هئا. وِيچارن ونڊڻ لاءِ مون کي به موقعو ڏنو ويو.

3:45 وڳي شام جو مون کي ٻڌايو ويو ، ته BTV (Bhaskar TV) چئنل وارا مون کان انٽرويو وٺڻ لاءِ آيا آهن. اُن ڪري مون کي هال کان ٻاهر آندو ويو. شري واسطؤ پنهنجو تعارف ڪرايو. جنهن اُردوءَ ۾ مون کان انٽرويو ورتو.

4:15 وڳي اسان کي انڊور پريس ڪلب آندو ويو. جتي صحافين ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن سان گڏجاڻي ٿي رهي هئي. جيئن ته ڪاروائي اردوءَ ۾ ٿي رهي هئي، انڪري، مون تي زور پريو ويو ته مان ڪين اُهي به غزل ٻڌايان، جن کي فلمائڻ لاءِ ممبئيءَ ۾



رهيو هو. آواز عرش تي ٽي پُڳو. اڙي، چريا! جهڙن لفظن ٻڌندڙن کي مايوس ٿي ڪيو. هِن جهيڙي رسپشن وارن کي وڏ ۾ وڌ پريشان ٿي ڪيو. ڇاڪاڻ ته قمر شهباز جي دڙڪن ۽ دهمانن وارو بلند آواز ڪرڙيءَ جي جنگي ميدان وارا پڙاڏا جوڙي رهيو هو. اهو جهڳڙو هوائي جهاز جي ڪِرائي ۽ ڪرشن راهيءَ تي پڙهيل پيپر جي ادائگيءَ بابت هو. هيءَ پئسا انڊين ڪرنسيءَ ۾ 19000 روپيا ۽ اسان جا 27000 روپيا ٻٽيا ٿي. هن جهيڙي مان مون کي بنا جهيڙي ڪرڻ جي فائدو پيو جو ٻڌايو ويو ته اِهي پئسا ممبئي پهچڻ سان مون کي به ڏنا ويندا. وڙهن ڇورَ ڀلو ٿئي ڀاڳين جو. تيو به ائين جو سريش ڪيسواڻيءَ صاحب ممبئي پهچڻ سان مون کي ۽ قمر شهباز کي خرچ جي پوري، پوري ادائگي ڪئي. انڪري، مان نه رڳو سريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڪومل ۽ شريڪانت ڀاٽيا جو ٿورائتو آهيان، پر قمر شهباز جو به ٿورائتو آهيان، جنهن جي جهيڙي جو مون کي به ڦَلُ مليو. باقي اسان جا ڇهه ساٿي ممبئيءَ کي ڇڏڻ تائين پئسن جي ادائگيءَ لاءِ دانهون ڪندا رهيا، پر ادائگي نه ڪئي ويئي. پڙهندڙن کي ٻڌائيندو هلان ته لڇمڻ ڪومل مون کي چيو، ته تاجل! مهرباني ڪري مليل پئسن مان ٻه، چار ڏوڪڙ رکيل کي ڏي، جو تنهنجو مون تي به احسان ٿيندو. مون 2000 روپيا رکيل موراڻيءَ کي ڏنا.

11:15 وڳي (صبح) اسان جي بس ديواس (Dewas) شهر پهتي، جتي ڪانگريس پارٽيءَ جي ليڊرِ منوج راجاڻيءَ جي گهر



## مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان

18 جون 2007ع تي 12:15 وڳي (منجهند) اسان خيرخوبيءَ سان اُجين (UJJAIN) پهتاسون. جتي ارجن کتري، شوا کو ٽواني، ٽُلسي ڏنواني ۽ ماتيجاڻيءَ پاران لنچ جو انتظام ٿيل هو. منهنجي اندر مان هنن شعرن جي پڪيءَ واري اُڏام حاصل ڪري ورتي.

الا ياد پون ٿا، پائرَ هندوارا
آرجن، شِوا، ٽُلسي، دلبرَ هند وارا

❋

ارجن، شِوا، ٽُلسي منهنجا وڏڙا آهن
بيوس، رڪيل، عامرُ بلڪل ننڍڙا آهن.

❋

18 جون 2007ع تي ڊيرو ويو ته اُجين شهر هند ۾ تاريخي ماڳن، مڪانن ڪان مشهور آهي. ڪاليداس ۽ مهاڪوي پرتري هري هِن شهر جا رهواسي هئا.



## شِو جو مندر

شام جو 3 وڳي اسان کي شِو جو مندر ڏيکاريو ويو جنهن ۾ شِري مها ڪالِيشور جو مجسمو رکيل هو. مهنت (پوڄاري) مهمانن ۽ ميزبانن کي نرڙ تي سِندور جو ڳاڙهو تلڪ لڳائڻ پيا. اسان مان ڪن مسلمانن به تلڪ لڳرايو پر مون اهڙو تلڪ نه لڳرايو. تلڪ لڳائڻ جي رسم ڪانپوءِ ٻاٽي سيني کي چيو ته شِو ڀڳوان ڏي مُنهن ڪري، ادب وچان هٿ ٻڌي بيهو جنهن ڪانپوءِ ٻائي هِنديءَ ۾ ڪجھ پڙهڻ شروع ڪيو. منهنجا هٿ هيٺ ئي رهيا. پر اسان مان اَيڪڙ ٻيڪڙ کي ادب وچان هٿ ٻڌندي ڏٺو ويو. مون ڏٺو ته مجسمن جي پوڄا لاءِ هندو مذهب رکندڙن جا مندر ۾ اندر توڙي ٻاهر ميڙاڪا هئا.

مندر ڪان ٻاهر ڏانڊ جو مجسمو رکيل هو جو سفيد رنگ جو هو. اسان کي ٻُڌايو ويو ته هيءُ مندر سال ۾ فقط هڪ دفعو کوليو ويندو آهي.

## ڪالِيرؤ مندر

3:30 وڳي شام جو اسان ڪالِيرؤ مندر ڏٺو جنهن جي ٻاهران گُتي جو مجسمو رکيل هو. اسان جي موجودگيءَ ۾



پوڄاري ڪالِيرؤ ڀڳوان جي مجسمي کي شراب جا ڍڪڙا پيارڻ شروع ڪيا. جنهن ڪانپوءِ هن ڀڳوان بابت پوڄاريءَ ڪجهه ڄاڻ ڏيڻ شروع ڪئي.

## منگلِ ناٿ مندر

چئين وڳي شام جو، اسان کي منگلِ ناٿ مندر ڏيکاريو ويو. پوڄاريءَ ويجهي کان مجسمي کي ڏسڻ لاءِ اسان کي ڪٽهڙي ۾ وڃڻ نہ ڏنو اِهو چونديءِ تہ خاص پوڄا جو وقت ٿيڻ وارو آهي. اسان ڏٺو تہ مندرن جي سيوا ڪندڙ پوڄارين کي جنهن وقت بہ پئسا ڏنا ٿي ويا، تہ هنن کِلنديءِ خوش ٿينديءِ آسانيءَ سان ورتا پئي.

## ڪيمن يُو مُولاٽي

منهنجو يارڙو ڪيمن يُو مولاٽي ڀوپال شهر جو رهواسي آهي، جو گهڻي ڀاڱي مندرن کان ٻاهر ئي ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هُو مذهب ۾ گهٽ قائل نظر اچي رهيو هو. لڳي پيو ڇڻ مون وانگر ڪيمن بہ سيڪيولرزم جو قائل هو. سندس ڌرم مون وانگر "انسانيت" (ماڻهپو) محسوس ٿي رهيو هو. شِو مندر کان ٻاهر ڪيمن مون کي بيدل جو هي بيت ٻڌايو:



## مندرن، مجسمنءَ محبتن جو ملڪ هندستان

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو منجهايا
شيخي، پِيري، بزرگيءَ، بيحد ڀُلايا
ڪي نِوڙي نمازون پڙهن، ڪِن مندر وسايا
اوڏو نہ آيا، عقل وارا عشق ڪي



# ڪنهن به ڪم ڪي هٿ ۾ ڪڻڻ کان اڳ، پاڻ کي سنڌو جل سان پاڪ ڪرڻ گهرجي

رگويد ۾ ڄاڻايل آهي: ”سنڌو پنهنجيءَ طاقت ۾ سيني ندين کان وڌيڪ سگهاري آهي. سندس گجگوڙ ڌرتيءَ کان مٿي آسمان ۾ گونجي ٿي. جيئن ڳئون ڪير سان اوهڙ پري، پنهنجن ٻچن ڏانهن ڊوڙنديون آهن، تيئن سڀ نديون ڳئن جيان رنڀنديون سنڌوءَ سان اچي ملن ٿيون. جيئن ڪو راجا پنهنجي لشڪر جي اڳواڻي ڪندو آهي، تيئن سنڌوندي ٻين ندين جي اڳواڻي ڪري، سنڌ مان اُڪري وڃي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي. سنڌوءَ جي سرزمين ڀلن گهوڙن، سونَ ۽ دولت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.“

هندن جي ڪتاب مهاڀارت ۾ ڄاڻايل آهي، ته مري وڃڻ کانپوءِ سُرڳ ۾ وڃڻ لاءِ سنڌوءَ ۾ سنان ڪرڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي، جو هندو ڌرم رکندڙ هر سال گنگا ۾ سنانُ ڪري، پنهنجا گناهه صاف ڪندا آهن. پر پوءِ به ويدن ۾ گنگا جو ٻه دفعا ذڪر آيل آهي، جڏهن ته سنڌوءَ جو ٽيهه دفعا ذڪر ٿيل آهي.

سنڌوءَ نالي مان ئي سنڌ ۽ هند کي نالا مليا آهن. سنڌ، سنڌو ۽ سنڌين جا دنيا جي پراڻن ڪتابن ۾ چڱا، خاصا حوالا



جون حدون اُتر ۾ قنڌار، ڏکڻ ۾ ديبل بندر، اوير ۾ ڪشمير ۽ قنوج ۽ اولهه ۾ مڪران تائين ڦهليل هونديون هيون. سنڌ ملڪ جي گادي الور (اروڙ) جو شهر هو جو مهراڻ جي ڪنڌيءَ تي هو جنهن جا آثار اڄ به ڏٺا وڃن ٿا.

پنڊت سيتارام لکيو آهي: ”ڪنهن به ڪم ڪي هٿ ۾ ڪٽڻ کان اڳ، پاڻ کي سنڌوءَ جي جَل سان پاڪ ڪرڻ گهرجي. هن مهان نديءَ ۾ سنان ڪرڻ سان، ماڻهوءَ جا گناهه ۽ پاپ ڌوپي وڃن ٿا، ۽ سنديس پاڻي پيئڻ سان، ماڻهو بلوان ٿئي ٿو.“

ليهه شهر وٽ سنڌوءَ جو رُوپ هڪ پهاڙي نالي جهڙو آهي، جتي آڪسيجن جي گهٽ هئڻ ڪري، ماڻهوءَ کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هتي پهچڻ سان، هر ماڻهوءَ کي هڪ ڏينهن لاءِ آرام ڪرايو ويندو آهي. پوريءَ دنيا ۾ لداخ ۽ ليهه سڀ کان مٿاهان هنڌ ظاهر ڪيل آهن، جن کي دنيا جي ڇت (Roof of the World) چيو ويجي ٿو.

لداخ جي به لک آبادي آهي، جنهن مان هڪ لک پندرنهن هزار ٻڌي ۽ پنجاسي هزار مسلمان آهن.

ٻڌين مان تيرنهن سئو آريا ۽ ٻن هزارن جي قريب پارتي رهن ٿا. هتي مردن کان عورتن جو تعداد وڌيڪ آهي.

هتي ٻن شاعرن جي نظمن مان هڪ، هڪ مصرع ڏئي، هن قسم جي ويچارن کي پُڄاڻيءَ تي آڻيان ٿو. مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ جي پابند نظم ”درياهه شاهه“ مان ڪنيل هڪ مصرع هِن



طرح آهي:

ٿي سانوڻ ۾ توکي بهاري ٿئي
بهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي
ٿي ساريءَ سان ڌرتي بہ ڪاري ٿئي
ٿي هر ڪا زمين بخت واري ٿئي
ٻنيون ريج ڪائين، سنگهوان اپائين
ٿين ڪڻڪون، ڪيلا، ڪري جهنگ ٻيلا
ٿئي جهنگ جهر پاڻي تو چار ماهہ
پلي آئين جيءُ آئين درياهہ شاهہ!

ڏيونداس ڪِشناڻي آزاد جي پابند نظم
"سنڌوءَ جو ڪنارو"

جون آٺ سِٽون اِجهو هن طرح آهن:

مٿان سنڌ جي شل، رهي تنهنجي رحمت
مِٺو آب تنهنجو ٿي سنڌ لئي غنيمت
بيرا جي رتن مان، وڏي شان، شوڪت
ڪري سبز پوٺا، ٿي تنهنجي ڪرامت
وَهيا واهہ تومان، کُلي راهہ تومان
هماليہ مان آئين، نئين سنڌ ٺاهين
ڪِرِيلُ سنڌ جو ٿي، جُڳان جُڳ سِتارو
عجب رنگ، رونق، سنڌوءَ جو ڪنارو.



## مندرن، مجسمن ۽ محبتن جو ملڪ هندستان

شاعريءَ بابت ويچار پيش ڪندڙ ارجن حاسد آهي، جڏهن ته ڪهاڻين بابت پروفيسر هيري شيوڪاڻي، مضمونن بابت هيري ٺڪر ۽ ناٽڪ بابت جيٺي لالواڻيءَ ويچار ونديا آهن. هن قسم جا جائزا ظاهر ٿا ڪن، ته هند ۾ توڙي جو سنڌي ڪنهن هڪ ماڳ، مڪان ۾ آباد نه ٿيا آهن، پر پوءِ به اُتي سنڌيءَ جو واهپو ۽ خوشحالي برقرار آهي ۽ رهندي.



ليبل لڳائيندا رهن ٿا.

ذڪر ڪيل الزام سماجي، فلاحي ۽ ثقافتي تنظيمن تي هِتي سنڌ ۾ بہ لڳندا رهيا آهن ۽ اجا بہ لڳي رهيا آهن. منهنجو ذاتي مشاهدو آهي، تہ سُريش ڪيسواڻي ۽ سندس ساٿي ڏينهن، رات ننڊون ڦٽائي، نيشنل ڪائونسل جي پليٽ فارم تان خدمتون اڄي رهيا آهن. ڪيسواڻيءَ جهڙا مٿير مرد ڪڏهن، ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. سريش ڪيسواڻيءَ جون خدمتون اسان کي سنڌ جي ڄام نظام سمين جون خدمتون ياد ڏيارين ٿيون. جو رات جو غريبن جي جُهوپڙين ۽ گهرن ۾ جاچ، جُوچ ڪري ڏِسندو هو تہ ڪو پيٽ بکيو تہ ڪونہ ٿو سمهي. هند جا سنڌي ڀاڳن ڀريا آهن، جن کي ذڪر ڪيل ٽِموِرتي يا ٽيلهڙ نصيب ٿي آهي.



# اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا

هند ۾ آباد سنڌين ورهاڱي جي برابر وڏ، ٽُڪ سَٽي آهي، جي سنڌ ۾ اباڻا ڪک، ڪانا ۽ گهر گهاٽ ڇڏي، وڃي هند ۾ آباد ٿيا آهن. پر پوءِ به هُنن سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي خدمت ڪرڻ لاءِ چڱا خاصا ادارا قائم ڪيا آهن، جن جا وڏن شهرن ۾ دفتر کوليا ويا آهن. "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سَڀا" به اهڙين تنظيمن مان هڪ تنظيم آهي. هِن تنظيم جي سرپرستن ۾ مُور جمل منلهاڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي به شامل آهن. سندر اگنا ٽي (جيپور) صدر ڊاڪٽر موتي پرڪاش (آديپور) لٽرري چيئرمين، ڊاڪٽر جيتو لالواڻي (احمد آباد) تعليمي چيئرمين، وِمي سدارنگاڻي (آديپور) نوجوان سنڌين جي چيئرمين ۽ دُرگا ٿاوراني عورتن جي شاخ جي چيئرمين جو عهدو سنڀالي رهي آهي. آشا چاند ملڪ کان ٻاهر دبئيءَ ۾ رهي ٿي، پر پوءِ به هڪ ونگ جي چيئرمين جو عهدو سنڀالي رهي آهي. ڊاڪٽر ستيش روهڙا (آديپور) ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي (اجمير) ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي (الهاس نگر) ۽ نند جويري (ممبئي) سڀا جي نوَن ميمبرن ۾ شامل آهن.



# هند بابت ڪجھ اهم معلومات

ليھ (LEH) شهر ۽ لداخ (ضلعو) ڪي دنيا جي ڇت (Roof) ڪري مڃيو وڃي ٿو يعني پوري دنيا ۾ ليھ ۽ لداخ وڏ ۾ وڏا اوچائيءَ تي آهن.

Leh and Ladakh are acknowledged as “Roof” of the World

زمين کان جيئن جيئن مٿي وڃبو تيئن آڪسيجن گهٽبي ويندي، جنهن ڪري ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي، اهو ئي سبب آهي جو اُتي پهچندڙن کي هڪ ڏينهن آرام ڪرايو ويندو آهي.

هند جا سنڌي هر سال جُون مهيني جي 18،19 ۽ 20 سنڌوءَ جي جنم ونڊ واري هنڌ ليھ شهر ۾ جشن ملهائيندا آهن، جنهن کي ”جشنِ سنڌو درشن“ چيو وڃي ٿو. اهڙيءَ تقريب سان گڏ، هُو ٻيا به ڏڻ ملهائيندا آهن. اسان جي پيرن هيٺان سنڌ ساڻيھ جي سَر زمين آهي، پر پوءِ به اسان سُتل ئي رهون ٿا! هند ۾ اُتان جي سنڌين پاران ملهائجندڙ تقريبون ڪجھ هِن طرح به آهن :

1. سنڌيت جو ڏينهن
2. جشنِ سنڌو درشن



# سنڌ جي صنوبر گل
# ۽ هند جو گوبند خوشحالاڻي

سنڌ جي وفد مان صنوبر گل ۽ هند ۾ آباد ٽيل گوبند خوشحالاڻيءَ جڏهن بہ ڪنهن سان ڳالهايو ٿي، تہ سندن گفتگوءَ تي ڏاڍو ڏک ٿي ٿيو. نہ رڳو مونکي پر اسان جي ميزبانن کي بہ. ايڏيءَ عمر باوجود بہ صنوبر ڳالهائڻ نہ سِکي آهي! هر جملو جهيڙي ۽ فساد وارو. پاڻ کي مٿاهون سمجهڻ ۽ مثبت روين جي گفتگوءَ ۾ بہ چڱيءَ طرح نہ ڳالهائڻ اسان کي حيران ۽ پريشان ٿي ڪيو. دهلي ايئرپورٽ تي پي آءِ اي وارن سان جهيڙو ڪرڻ ڪري، اسان سڀني ائين ٿي سمجهيو تہ جهاز ڪراچيءَ روانو ٿي ويندو ۽ هيءَ ايئرپورٽ تي ئي رهجي ويندي. سندس ڀاڱ ڀلا جو جهاز هڪ ڪلاڪ ليٽ ٿي پيو. هوڏانهن گوبند سان اوهان ڀلي تہ سئو سيڪڙو اخلاق سان ڳالهايو پر پوءِ بہ سندس هر جملو ۽ جواب اوهان کي گِدو بندر جي ڀاهران هلي بيهاريندو.



## منزل، مجسمو محبتن جو ملڪ هندستان

20جون 2007ع تي صبح جو اسان جي سرڳواسي هري
موٽواڻيءَ جو فرزند ارجمند پرڪاش مون کي ممبئي ايئرپورٽ تي
ڇڏڻ لاءِ پنهنجي ڪار ڪاهي آيو. اسان سامان ڪارِ ۾ وجهي،
ايئرپورٽ روانا ٿياسون ۽ مُني ڪلاڪ اندر ايئرپورٽ پهتاسون.

پرڪاش شهيد ڀڳت سنگهه روڊ تي واقع گريٽ ويسٽرن
بلڊنگ جي فليٽ ۾ سيڪنڊ فلور تي رهندو آهي. وٽس هڪ نه،
پر ٻه فليٽ آهن. هِن فليٽ ۾ 1990ع ۾ هري موٽواڻيءَ روز وُڊ
هوٽل مان ٽپڙ ويڙهائي، مون کي اچي رهايو هو. هند جي ثقافتي
دوري ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، 7 جون 2007ع تي ڪراچيءَ کان ممبئي
پهچڻ تي به پرڪاش پنهنجي گهر وٺي، مون کي جيئَن رَسُ سان
گڏ رات جي ماني به کارائي هئي.

اسان چار همسفر : مان ، عامر سيال، ماهين هيسباڻي ۽
صنوبر گل 20جون 2007ع تي پي ڪي 275 ذريعي ممبئيءَ کان
ڪراچيءَ پهتاسون. جتي منهنجا ٻه ڪِڪا: نديم تاج ۽ بلاول
مون کي وٺڻ آيا هئا. ائين هن وقت سنڌ ماتا جي خوشبوئدار
ماحول ۾21 جون 2007ع تي شروع ڪيل هي سفرنامو لکندي،
پڄاڻيءَ تي پهچايان ٿو اُها سنڌ ۽ سنڌستان، جن مان هند ۽
هندستان جهڙا لفظ جوڙيا ويا آهن.

تاريخ 27 جُون، 2007ع وقت 12:30 (منجهند)

